# علم دين جون فضيلتون

سنڌي

- بلقيس جو تخت ڪيئن آيو؟
- لقمان حڪيم جي وصيت
- مشڪلات آسان ٿيڻ جو نسخو
- علم جي فضيلت جي متعلق اقوال



پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوتِ اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
چڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي
پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفكر بيروت)



طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي چڏيو)

رسالي جو نالو: **علم دين جون فضيلتون**

تعداد:

چاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ
۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

# علم دين جون فضيلتون

پيشڪش:

**المدينة العلميہ اسلامڪ ريسرچ سينٽر**

**ترجمو**

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي.
جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ
کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

7213**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext.

**Email:** translation@dawateislami.ne

# فهرست

علم دين جون فضيلتون ........................................ 1
دُرود شريف جي فضيلت ........................................ 1
بلقيس جو تخت ڪيئن آيو؟ ........................................ 1
دين جو ستون ........................................ 4
عالم دين جو معيار.....؟ ........................................ 5
لقمان حڪيم جي وصيت ........................................ 5
دل جي غذا ........................................ 5
شهر جي حاڪم کان ملڻ جو وقت ناهي ........................................ 7
فضيلت جي لغوي ۽ اصطلاحي معنيٰ ........................................ 7
پسنديده شين جي طرف رغبت جو سبب ........................................ 8
مال کان بهتر ........................................ 10
مُشڪلات آسان ٿي وينديون ........................................ 10
عالِم دين جي وفات ........................................ 11
علم جو اُخروي فائدو ........................................ 11
عالم جي چار اکرن جي نسبت سان چار حديثون ........................................ 12
دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي مان مراد ڇا آهي؟ ........................................ 13
علم دين جي فضيلتن تي مشتمل اقوال بُزرگانِ دين ........................................ 13
علم سکڻ سيکارڻ جي فضيلت ........................................ 15

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

احياءُالعلوم، جلد 1 جي باب"علم جو بيان"مان ڪنيل ڪجھ ترميم ۽ اضافي سان ڳنڍ

# علم دين جون فضيلتون

دعاءِ عطار: يارب المصطفيٰ!جيڪو ھي مڪمل رسالو "علمِ جون فضيلتون " پڙھي يا ٻڌي وني، اُن کي پنھنجي رضا جي لاءِ علم دين حاصل ڪرڻ ۽ اُن تي اخلاص سان عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ ان کي بي حساب بخشي ڇڏ. اٰمين بِجاہِ خاتَمِ النَّبِيّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دُرود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ: مسلمان جيستائين مون تي درود پڙھندو رھندو آھي ملائڪ ان تي رحمت موڪليندا رھندا آھن، ھاڻي ٻانھي جي مرضي آھي تہ گھٽ پڙھي يا وڌيڪ"

(ابن ماجہ، جلد1 ص 490، حديث:07)

## بلقيس جو تخت ڪيئن آيو؟

ملڪ بِلَقيس جو تخت اسّي (80) گز ڊگھو، چاليھہ(40) گز ويڪرو ھو، ھي سون چاندي ۽ طرح طرح جي قيمتي ھيرن جواھرن ۽ موتين سان جَڙيل ھو، جڏھن الله جي نبي حضرت سُليمان عَليه السَّلَام بلقيس جي قاصد ۽ تحفن کي موٽائي ڇڏيو ۽ ملڪ ڏانھن خط لکي موڪليو تہ ھوءَ مسلمان ٿي منھنجي دربار ۾ حاضر ٿي تہ سندن دل ۾ ھڪ خواھش پيدا ٿي تہ بلقيس جي ھتي اچڻ کان پھريان ئي سندس تخت منھنجي دربار ۾ آندو وڃي. تخت کي حاضر ڪرڻ جو سندن مقصد ھي ھو تہ ان جو تخت حاضر ڪري ان کي معجزو ڏيکاريو وڃي تہ جيئن اُن تي پاڻ عَليه السَّلَام جي نبوت جي سچائي ظاھر

تي جو معجزو نبي جي صداقت تي دليل هوندو آهي. ڪجھ مفسرن فرمايو تہ حضرت سُليمان عَلَيهِ السَّلَام ارادو ڪيو تہ ملڪ بلقيس جي اچڻ کان پهريان ئي هن تخت جو رنگ ۽ روپُ تبديل ڪيو وڃي تہ جيئن ان جي عقل جو امتحان وٺن تہ ڏسون هوءَ پنهنجي تخت کي سڃاڻي ٿي يا نہ. جيئن تہ پاڻ عَلَيهِ السَّلَام پنهنجي درٻارين کي فرمايو جنهن کي قرآن ڪريم ۾ هن طرح بيان ڪيو ويو آهي.

| | |
|---|---|
| قَالَ يٰۤاَيُّهَا الْمَلَؤُا اَيُّكُمْ يَاْتِيْنِيْ بِعَرْشِهَا قَبْلَ اَنْ يَّاْتُوْنِيْ مُسْلِمِيْنَ ﴿۳۸﴾ قَالَ عِفْرِيْتٌ مِّنَ الْجِنِّ اَنَا اٰتِيْكَ بِهٖ قَبْلَ اَنْ تَقُوْمَ مِنْ مَّقَامِكَ ۚ وَ اِنِّيْ عَلَيْهِ لَقَوِيٌّ اَمِيْنٌ ﴿۳۹﴾ (پاره:19، سورة نمل: 39،38) | **ترجمو ڪنزالعرفان:** سليمان فرمايو: اي درٻاريو! توهان مان ڪير آهي جو ان جو مون وٽ فرمانبردار ٿي ڪري اچڻ کان اڳ ۾ ان جو تخت مون وٽ کڻي اچي. هڪ وڏي خبيث جن چيو تہ مان اهو تخت اوهان جي خدمت ۾ اوهان جي هن جاءِ تان اٿڻ کان اڳ ۾ حاضر ڪري ڇڏيندس ۽ مان بيشڪ ان تي طاقت رکندڙ، امانتدار آهيان. |

جن جو بيان ٻڌي حضرت سليمان عَلَيهِ السَّلَام فرمايو: مان اُن کان بہ جلدي چاهيان ٿو. اهو ٻڌي ڪري سندن وزير حضرت آصف بن برخيا رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيه جيڪو اسمِ اعظم جو علم رکندو هو ۽ باڪرامت ولي بہ هو. ان حضرت سليمان عَلَيهِ السَّلَام کي عرض ڪيو:

| | |
|---|---|
| قَالَ الَّذِيْ عِنْدَهٗ عِلْمٌ مِّنَ الْكِتٰبِ اَنَا اٰتِيْكَ بِهٖ قَبْلَ اَنْ يَّرْتَدَّ اِلَيْكَ طَرْفُكَ ؕ (پ۱۹،سورة نمل،۴۰) | **ترجموڪنزالعرفان:** ان عرض ڪيو جنهن وٽ ڪتاب جو علم هو تہ مان ان کي اوهان جي اک چنڀ کان اڳ ۾ کڻي ايندس. |

حضرت آصف بن برخيا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه روحاني طاقت سان بلقيس جي مضبوط تخت کي مُلڪِ سبا مان بيت المقدس تائين حضرت سُليمان عَلَيْهِ السَّلَام جي محل ۾ کڻي آيا، اهو تخت زمين جي هيٺان هلي ڪري اک چنڀ ۾ يڪدم حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جي ڪرسي جي ويجهو ظاهر ٿي ويو. (عجائب القرآن مع غرائب القرآن، ص 189، 190۔سيرت الانبياء،ص 714)

الله ربّ العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جتي هن واقعي مان حضرت آصف بن برخيا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڪرامت جو بيان آهي اُتي قرآن ڪريم ۾ سندن باڪمال هئڻ جي خصوصيت ”علم“ ئي بيان ٿيو. علمِ دين نهايت افضل عبادت آهي جيئن حضرت عبدالله بن مبارڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان پڇيو ويو ته انسان ڪير آهي؟ ارشاد فرمايائون: عالِمَ. پوءِ پڇيو ويو: بادشاهه ڪير آهي؟ فرمايائون: پرهيزگار. پوءِ پڇيو ويو: گهٽيا ماڻهو ڪير آهن؟ فرمايائون: جيڪي دِين جي بدلي دُنيا حاصل ڪن ٿا.

(المجالسة وجواہرالعلم للدينورى، 160/1، رقم:300)

امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن قول جي حوالي سان فرمائن ٿا: حضرت عبدالله بن مبارڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه غيرِعالم کي انسانن ۾ شمار نہ ڪيو ڇوته علم ئي اها خصوصيت آهي جنهن جي ڪري انسان تمام جانورن کان ممتاز هوندو آهي. لهٰذا انسان اُن وصف جي ذريعي انسان آهي جنهن جي سبب اُن کي عزت حاصل ٿيندي آهي. اهو

جسماني طاقت جي ڪري انسان ناهي نہ تہ اُٺ ان کان وڌيڪ طاقتور آهي. نہ جسامت جي ڪري انسان آهي نہ تہ هاٿي جو جسم ان کان ڪيئي ڀيرا وڏو آهي. نہ بهادري جي سبب نہ تہ شينهن ان کان وڌيڪ بهادر آهي. نہ انهيءَ ڪري جو اهو گهڻو کائي ٿو ڇوتہ ڍڳي جو پيٽ ان کان وڏو هوندو آهي بلڪ انسان علم جي ئي لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي.

(احياء العلوم(مترجم)، 51/1 بتغير)

الله پاڪ قرآن ڪريم، سيپاري 20 سوره العنڪبوت، آيت نمبر 43 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَتِلْكَ الْاَمْثَالُ نَضْرِبُهَا لِلنَّاسِ ۚ وَمَا يَعْقِلُهَآ اِلَّا الْعٰلِمُوْنَ ﴿۴۳﴾ (پاره:20، سورة اَلْعَنكبُوت: 43) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ هي مثال آهن جن ڪي اسان ماڻهن جي لاءِ بيان فرمايون ٿا ۽ انهن ڪي علم وارا ئي سمجهن ٿا. |

## دين جو ستون

حديث پاڪ ۾ آهي: الله پاڪ جي ڪا عبادت اهڙي ناهي ڪئي وئي جيڪا دين جي سمجهہ ۽ ڄاڻ حاصل ڪرڻ کان افضل هجي ۽ هڪ فقيه (عالم) شيطان تي هزار عابدن کان وڌيڪ ڳورو آهي. هر شيءِ جو هڪ ستون هوندو آهي ۽ هن دين جو ستون فقه آهي.

(معجم الاوسط، 337/4،حديث:6166)

هڪ ٻئي حديث ۾ آهي تہ ٻہ خوبيون اهڙيون آهن جيڪي ڪنهن منافق ۾ ناهن هونديون: حُسن اخلاق ۽ دين جي سمجهہ.

(ترمذی، 313/4، حديث: 2693)

## عالم دين جو معيار....؟

امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا حديث پاڪ ۾ فقه مان مراد اهو ناهي جيڪو اوهان سمجهو ٿا. فقيه جو گهٽ مان گهٽ درجو هي آهي ته هُو هن ڳالھ جو يقين رکي ته آخرت دنيا کان بهتر آهي ۽ جيڪڏهن اُن تي هن ڳالھ جي معرفت سچي ۽ غالب هوندي ته اُن جي برڪت سان اهو نفاق ۽ رياڪاري کان پاڪ ٿي ويندو. (احياء العلوم(مترجم)،46/1)

## لقمان حڪيم جي وصيت

منقول آهي ته حضرت لقمان حڪيم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي صاحبزادي کي جيڪي وَصيتون ڪيون انهن مان هڪ وصيت هي به هُئي ته اي منهنجا پُٽ! عالمن جي صحبت ۾ ويهندو ڪر ڇوته الله پاڪ نورِ حڪمت سان دلين کي ايئن زنده ڪندو آهي جيئن زمين کي مسلسل بارش ذريعي زنده ڪندو آهي. (مؤطا امام مالڪ ، 478/2،حديث:1940)

## دل جي غذا

حضرت فَتَح مَوْصَلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ماڻھن کان پڇيو: جيڪڏهن مريض کي کاڌ پيئڻ ۽ دوا کان روڪيو وڃي ته ڇا اهو مري نه ويندو؟ ماڻھن عرض ڪيو: ڇونه. ته پاڻ فرمايائون: اهو ئي معاملو دل جو به آهي جڏهن ان کي ٽن ڏينهن تائين علم ۽ حڪمت کان پري رکيو وڃي ته اها به مري ويندي آهي. امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت فتح مَوْصَلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سچ فرمايو ڇوته جهڙي طرح کاڌو بدن جي غذا آهي اهڙي طرح دل جي غذا علم ۽ حڪمت آهي ۽ هنن ٻنهي جي بدولت دل زنده رهندي آهي ۽ جنهن وٽ علم نه آهي ان جي دل بيمار آهي ۽ ان

جو موت يقيني آهي. پر ان کي هن ڳالهه جو شعور ناهي هوندو ڇوتہ دنيا جي محبت ۽ ان ۾ مشغوليت سندس احساس کي ختم ڪري ڇڏيندي آهي جيئن خوف جي غلبي جي وقت زخم جي تڪليف جو احساس ناهي ٿيندو جيتوڻيڪ تڪليف موجود هوندي آهي. پوءِ جڏهن موت ان تان دنيا جو بار لاهي ڇڏيندو آهي تہ هو پنهنجي هلاڪت محسوس ڪري پڇتائيندو آهي پر هي ان جي حق ۾ فائديمند هوندو آهي. هي ايئن آهي جيئن مدهوش کي نشي ۽ خوف جي حالت ۾ لڳل زخمن جو احساس اُن وقت ٿيندو آهي جڏهن ان کي خوف ۽ نشي کان نجات ملندي آهي. اسان پردي کلڻ جي ڏينهن کان پناهہ گهرون ٿا. بيشڪ ماڻهو سُتل آهن جڏهن مري ويندا تہ انهن جون اکيون کلي وينديون.

(احياء العلوم (مترجم)، 51/1)

عيب دُنيا ميں تو نے چھپائے — حشر ميں بھی نہ اب آنچ آئے
آه! نامہ مِرا کھل رہا ہے — ياخدا تجھ سے ميری دُعا ہے

اللّٰه تعاليٰ سيپاري 8 سورة الاعراف، آيت نمبر 26 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ قَدْ اَنْزَلْنَا عَلَيْكُمْ لِبَاسًا يُّوَارِيْ سَوْاٰتِكُمْ وَ رِيْشًا ؕ وَ لِبَاسُ التَّقْوٰى ۙ ذٰلِكَ خَيْرٌ ؕ<br>(پاره: 8، سورة الاعراف: 26) | **ترجموڪنزالعرفان:** اي آدم جي اولاد! بيشڪ اسان توهان جي طرف هڪ لباس اهو لاٿو جيڪو توهان جي شرم جون شيون ڍڪيندو آهي ۽(هڪ لباس اهو جيڪو) هار سينگار آهي ۽ پرهيزگاري جو لباس سڀ کان بهتر آهي. |

هڪ قول هي آهي تہ آيت ۾”لباساً“ مان علم ”ريشاً“ مان يقين ۽ ”لِبَاسُ التَّقْوٰی“ مان حياء مراد آهي.

حضرت وهب بن منبہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان راويت آهي تہ ”ايمان بي لباس آهي، هن جو لباس پرهيزگاري آهي، جڏهن تہ ان جي زينت حياء ۽ ان جو ڦل علم آهي. (احياء علوم ، 20/1)

## شهر جي حاڪم کان ملڻ جو وقت ناهي

عظيم تابعي بزرگ سالم بن اَبوجَعَد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا تہ مون کي منهنجي مالڪ 300 درهم ۾ خريد ڪري آزاد ڪري ڇڏيو تہ مون سوچيو تہ هاڻي ڪهڙو پيشو اختيار ڪيان؟ آخرڪار علم دين حاصل ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويس. اجا سال مس گذريو هيو تہ شهر جو حاڪم مون سان ملڻ آيو پر مون ان سان ملڻ کان معذرت ڪري ڇڏي. (فيض القدير، 552/3، تحت الحديث: 3827)

(هن موقعي تي هڪ بُزرگ جو فرمان پڙهو) حضرت ابو اسْوَد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: علم کان وڌيڪ عزت واري ڪا شيء ناهي. بادشاهہ ماڻهن تي حڪومت ڪندا آهن جڏهن عالم بادشاهن تي حڪومت ڪندا آهن. (احياء العلوم (مترجم) ، 50/1)

## فضيلت جي لغوي ۽ اصطلاحي معنيٰ

امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: لفظ”فضيلت“ فَضَل مان ورتل آهي ۽ ”فَضَل“ وڌيڪ هئڻ کي چئبو آهي. جڏهن ٻہ شيون ڪنهن ڳالهہ ۾ هڪ جهڙيون هجن ۽ انهن مان هڪ ڪنهن اضافي ڳالهہ سان خاص هجي تہ

چيو ويندو آهي تہ هي اُن کان افضل آهي ۽ هن کي اُن تي فضيلت حاصل آهي جڏهن تہ اها اضافي ڳالهہ هن ۾ موجود هجي جيڪا ان جي لاءِ ڪمال جي ڳالهہ هجي. جيئن تہ چيو ويندو آهي: گهوڙو گڏهہ تي فضيلت رکي ٿو ڇوتہ وزن کڻڻ ۾ گهوڙو ۽ گڏهہ برابر آهن پر حملو ڪرڻ، ڊڪڻ، سخت حملو ڪرڻ جي **سگهہ** ۽ چڱي صورت جون خوبيون گهوڙي ۾ وڌيڪ آهن. هاڻي فرض ڪيو جيڪڏهن گڏهہ کي اضافي سامان سان خاص ڪيو وڃي تہ هي نہ چيو ويندو تہ اهو گهوڙي تي فضيلت رکي ٿو ڇوتہ هي جسماني اضافو آهي جڏهن تہ حقيقت ۾ گهٽتائي ڪا ڪمال جي ڳالهہ ناهي، انهي ڪري جو حيوان ۾ جسم نہ بلڪ اصليت ۽ ان جون صفتون مقصود هونديون آهن.

وڌيڪ فرمائن ٿا: علم کي پنهنجي ذات جي اعتبار سان ڪنهن جي طرف منسوب ڪرڻ بغير مطلقاً فضيلت حاصل آهي ڇوتہ هي الله پاڪ جو وصفِ ڪمال آهي، انبياءِ ڪرام ۽ ملائڪ عظام عَلَيهِمُ السَّلَام جو شرف آهي. (احياء العلوم، 29/1 ملتقطا)

## پسنديده شين جي طرف رغبت جو سبب

امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ياد رهي تہ اهڙيون شيون جن کي حاصل ڪرڻ جو شوق هوندو آهي انهن جون ٽي قسمون آهن.

(1) اهڙي شيءِ جنهن کي حاصل ڪرڻ جو مقصد ڪنهن ٻي سبب جي ڪري هجي، دراصل روپيا پيسا ڪاغذ جا ٽڪڙا آهن انهن جو ڪو فائدو ناهي ڇوتہ ڪاغذ جا نوٽ ڪاٺ سان نڪي پيٽ پرجندو آهي نہ ئي اُڃ لهندي آهي، جيڪڏهن الله پاڪ انهن جي ذريعي اسان جون ضرورتون حاصل ڪرڻ آسان نہ فرمائي ها تہ هي نوٽ ۽ بيڪار ڪاغذ برابر هجن

ها. (احياء العلوم، 29/1 بتغير) وَهَب بن منبہ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه کان درهم ۽ دينار جي باري ۾ پڇيو ويو تہ پاڻ فرمايائون: هي انسان جي گذرسفر جي لاءِ زمين ۾ اللّٰہ پاڪ جون مُهَرون آهن، نہ کاڌيون وڃن ٿيون نہ پيتيون وڃن ٿيون. توهان انهن کي جتي بہ کڻي ويندؤ توهان جي ضرورت پوري ٿيندي. (حلية الاولياء، 57/4، رقم: 4729)

(2) اها شيءِ جنهن کي حاصل ڪرڻ جو مقصد پاڻ اها ئي شيءِ هجي جيئن آخرت جي ڪاميابي ۽ اللّٰہ پاڪ جي ديدار جي لذت. اللّٰہ پاڪ جي عطا ڪيل نعمتن مان سڀني کان افضل ۽ اعليٰ هي قسم آهي.

(3) اها شيء جنهن کي حاصل ڪرڻ جو مقصد پاڻ اها شيء بہ هوندي آهي ۽ ڪڏهن ان کان بي شيء بہ حاصل ڪئي ويندي آهي جيئن انسان چاهيندو آهي تہ ان جو جسم سلامت رهي چوتہ جيڪڏهن اُن جي پير ۾ ڏک لڳندو تہ تڪليف سان گڏوگڏ ان جي ضرورياتِ زندگي جي ڪمن ۾ بہ رڪاوٽ ايندي انهيءَ ڪري پانهو ڪوشش ڪندو آهي تہ ان جو جسم سلامت رهي.

هاڻي هن اعتبار سان علم کي ڏسون تہ علم پنهنجي ذاتي اعتبار سان لذيذ آهي لهٰذا اهو بي قسم ۾ شامل آهي(جيڪا پهرين کان افضل آهي) پڻ اهو آخرت ۽ ان جي ڪاميابي جو وسيلو ۽ اللّٰہ پاڪ جي نزديڪ هجڻ جو ذريعو آهي چوتہ ان جي بغير قرب الٰهي حاصل ناهي ٿيندو. انسان جي حق ۾ سعادت هميشہ جي لاءِ سعادتمندي جو رتبو سڀني کان بلند آهي ۽ ان جو وسيلو سڀني شين کان افضل آهي ۽ هميشہ واري سعادت بغير علم ۽ عمل جي حاصل نٿي ٿي سگهي ۽ عمل جي ڪيفيت جو علم نہ هجي تہ عمل تائين رسائي نہ ٿي ٿئي سگهي. خبر

پئي تہ دنيا ۽ آخرت جي اصل سعادت ”علم“ آهي انهيءَ ڪري هي سيني کان افضل آهي. (احياء العلوم، 29/1، اتحاف السادة ،1/ 187-190 ملخصاً )

هڪ روايت ۾ آهي: توهان جي دين جو افضل عمل اهو آهي جيڪو آسان ترين هجي ۽ دين سکڻ سيني کان افضل آهي.

( جامع بيان العلم وفضله، حديث:80، ص34)

## مال کان بهتر

مسلمانن جي چوٿين خليفي، اميرالمؤمنين حضرت عليُّ المرتضي رَضِيَ اللهُ عَنْه حضرت ڪُميل بن زياد نخعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي فرمايو: اي ڪُميل! علم مال کان بهتر آهي ڇوتہ علم تنهنجي حفاظت ڪندو آهي جڏهن تہ مال جي توکي حفاظت ڪرڻي پوندي آهي. علم حاڪم آهي ۽ مال محڪوم. مال خرچ ڪرڻ سان گُهٽجي ويندو آهي جڏهن تہ علم خرچ ڪرڻ سان وڌندو آهي. (الفقيه و المتفقه، 182/1، حديث: 176)

وڌيڪ فرمايائون: سڄي رات عبادت ڪرڻ واري سڄو ڏينهن روزو رکڻ واري مجاهد کان عالم افضل آهي ۽ عالم جي موت سان اسلام ۾ اهڙو خال پئجي ويندو آهي جنهن کي سندس نائب کان سواءِ ڪوبہ نٿو پري سگهي. (الفقيه و المتفقه، 197/2، حديث: 856)

پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْه ڪجھ شعر پڙهيا جن ۾ هي بہ آهي: علم جي ذريعي ڪاميابي حاصل ڪيو هميشہ جي زندگي ماڻيندؤ. ماڻهو مري ويندا آهن جڏهن تہ عالم زنده رهندا آهن. (الفقيه و المتفقه، 150/2، حديث: 769)

## مُشڪلات آسان ٿي ويندیون

حضرت زُبَيْر بن ابوبَڪر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا تہ مان عراق ۾ هيس

منهنجي والد محترم مون ڏانهن پيغام موڪليو تہ علم کي پاڻ تي لازم ڪري ڇڏ! جيڪڏهن غريب آهين تہ هي تنهنجو مال آهي ۽ جيڪڏهن غني آهين تہ هي تنهنجو جمال آهي. (احياء العلوم، 24/1)

هڪ روايت ۾ آهي: جيڪو علم دين حاصل ڪندو الله پاڪ اُن جي مشڪلاتن کي آسان فرمائي ڇڏيندو ۽ ان کي اُتان کان رزق عطا فرمائيندو جتان اُن جو گمان بہ نہ هوندو. (جامع بيان العلم وفضلہ،ص 65، حديث: 198)

## عالِم دين جي وفات

حديث پاڪ ۾ آهي: عالم زمين ۾ الله پاڪ جو اَمين هوندو آهي. (جامع بيان العلم و فضلہ ص 743، حديث225)

هڪ ٻي روايت ۾ آهي: هڪ قبيلي جي موت هڪ عالم جي موت کان آسان آهي. (شعب الايمان، 264/2، حديث: 1699)

ڪنهن عقلمند جو قول آهي تہ عالم جي وفات تي پاڻي ۾ مڇيون ۽ هوا ۾ پکي روئندا آهن. عالم جو چهرو غائب ٿي ويندو آهي پر ان جون يادون باقي رهنديون آهن. (احياء العلوم، 24/1)

## علم جو اُخروي فائدو

امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: علم انڪري بہ افضل آهي جو توهان ڄاڻو ٿا ڪنهن شي جو نتيجو جيترو عظمت ۽ شان وارو هوندو اها شيءِ بہ اوتري ئي فضيلت واري هوندي ۽ توهان ڄاڻي چڪا آهيو تہ علم دين جو اُخروي فائدو الله پاڪ جو قرب ملڻ آهي جڏهن تہ دنيا ۾ ان جو فائدو هي آهي تہ عزت ۽ وقار ۾ واڌارو ۽ طبيعتن ۾ ضروري طور احترام ڪرڻ ڏنو ويندو آهي. هي مطلق علم جي فضيلت آهي. پوءِ

علوم مختلف آهن، جڏهن علم افضل ڪمن مان آهي تہ ان ڪي حاصل ڪرڻ افضل ڪم جي جستجو ڪرڻ ۽ سيڪارڻ افضل ڪم جو فائدو پهچائڻ ٿيو. (احياء العلوم، 29/1 ملتقطاً)

## عالم جي چار اکرن جي نسبت سان چار حديثون

(1) اهو عالمِ دين تمام سنو آهي جيڪڏهن ان جي ضرورت پئي تہ نفعو پهچائي جيڪڏهن ان کان بي پرواهي ٿي تہ پاڻ کي بي نياز رکي.
(مشكاة المصابيح، 67/1، حديث: 251)

(2) عالم ۽ عابد جي وچ ۾ 100 درجا آهن ۽ هر ٻن درجي جي وچ ۾ ايترو فاصلو آهي جيترو مفاصلو سيڪاريل عمده گهوڙو 70 سالن تائين ڊوڙي طئي ڪندو آهي. (جامع بيان العلم وفضله ، ص 43، حديث: 118 )

(3) حديث پاڪ ۾ آهي: مومن عالم مومن عابد تي 70 درجا وڌيڪ فضيلت رکي ٿو. (جامع بيان العلم وفضله، ص 36، حديث: 84)

(4) بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو ويو: يارسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم افضل عمل ڪهڙو آهي؟ پياري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اَلْعِلْمُ بِاللهِ. عرض ڪيو ويو: يارسو الله! اوهان ڪهڙو علم مراد وٺو ٿا؟ ارشاد فرمايائون: الله پاڪ جي ذات جو علم (يعني الله پاڪ جي معرفت يعني سڃاڻپ جو علم) عرض ڪيو ويو: اسان جو سوال عمل جي متعلق آهي جڏهن تہ اوهان علم جو ارشاد فرمائي رهيا آهيو؟ ارشاد فرمايائون: الله پاڪ جي ذات جو علم هجي تہ ٿورو عمل بہ فائدو ڏيندو آهي ۽ جيڪڏهن هي نہ هجي تہ گهڻو عمل بہ فائدي کان خالي هوندو آهي. (احياء العلوم، 22/1)

## دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي مان مراد ڇا آهي؟

عظيم تابعي بزرگ حضرتِ حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن ارشاد رباني (رَبَّنَاۤ اٰتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّ فِي الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّ قِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿۲۰۱﴾)[1] جي تفسير ۾ فرمائن ٿا: دنيا ”حَسَنَةً“ مان مراد علم ۽ عبادت آهي جڏهن ته آخرت ۾ هن مان مراد جنّت آهي. (ترمذی، 295/5، حديث: 3499)

## علم دين جي فضيلتن تي مشتمل اقوال بُزرگانِ دين

(1) مسلمانن جي ٻئي خليفي، اَميرالمؤمنين حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمايو: اي انسانو! توهان تي علم حاصل ڪرڻ لازم آهي. بيشڪ الله پاڪ جي هڪ محبت جي چادر آهي ۽ جيڪو علم جو هڪ باب حاصل ڪندو آهي الله پاڪ ان کي اها چادر پارائي ڇڏيندو آهي. (جامع بيان العلم وفضله، ص 83، حديث: 251)

(2) حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمايو: علم سکو هن کان پهريان جو کنيو وڃي ۽ علم جو کنيو وڃڻ هي آهي ته علماء وصال ڪري ويندا. ان ذات جو قسم جنهن جي قبضہ قدرت ۾ منهنجي جان آهي! راهِ خدا ۾ ماريا ويندڙ شهيدَ جڏهن عالمن جو مقام ڏسندا ته حسرت ڪندا ته ڪاش! انهن کي بہ عالم بڻائي اٿاريو وڃي ها. (احياء العلوم، 23/1) ڪوبہ شخص عالم ٿي پيدا ناهي ٿيندو (بلڪ) علم سکڻ سان ئي ايندو آهي. (كتاب الزهد للامام احمد، ص 184، حديث: 899)

---

[1] ترجمو ڪنزالعرفان: اي اسان جا رب! اسان کي دنيا ۾ ڀلائي عطا فرماءِ ۽ اسان کي آخرت ۾ (بہ) ڀلائي عطا فرماءِ ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ

(3) حضرت عبد الله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُما فرمايو: رات ۾ ٿوري دير علم جي تڪرار ڪرڻ مون کي سڄي رات جاڳي عبادت ڪرڻ کان محبوب آهي.(اهڙي طرح ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ۽ حضرت امام احمد بن حنبل رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْه کان بہ منقول آهي). (احياء العلوم، 23/1)

(4) حضرت حسن بصري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْه فرمائن ٿا: عالمن جي (قلم جي) مَسُ کي شهيدن جي رت سان توريو ويندو تہ عالمن جي (قلم جي) مَسُ شهيدن جي رت کان ڳوري ٿي ويندي. (احياء العلوم، 23/1)

(5) حضرت اَحۡنَفُ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْه جو قول آهي تہ جلد ئي عالم مالڪ بڻجي ويندا ۽ هر اُن عزّت جو انجام ذِلّت هوندو آهي جنهن کي علم کان مضبوط نہ ڪيو وڃي. (عيون الاخبارللدينورى، ص 137)

(6) هڪ عالم جو قول آهي تہ ڪاش! مون کي معلوم ٿي وڃي تہ جنهن کي علم ناهي مليو اُن کي ڇا مليو ۽ جنهن کي علم مليو ان کي ڇا نہ مليو. (احياء العلوم، 23/1)

(7) ڪنهن عقلمند کان پڇيو ويو تہ ڪهڙيون شيون جمع ڪرڻ گهرجن؟ جواب ڏنائين: اهي شيون جڏهن تنهنجي ٻيڙي ٻڏڻ لڳي تہ هو توسان گڏ ترڻ لڳن يعني علم. (جامع بيان العلم وفضله، ص 80، حديث: 246) ڪن چيو: ٻيڙي جي ٻڏڻ مان مراد موت جي ذريعي بدن جو هلاڪ ٿيڻ آهي.(احياء العلوم، 23/1)

(8) چيو ويو آهي تہ جيڪو حڪمت کي لغام ٻڌائي وٺندو آهي ماڻهو ان کي امام ٻڌائي ڇڏيندا آهن ۽ جيڪو حڪمت کي سمجهي وٺندو آهي

ماڻهو ان کي عزت جي نگاهه سان ڏسندا آهن.

(جامع بيان العلم وفضله، ص 80، حديث: 246)

## علم سکڻ سيکارڻ جي فضيلت

هڪ ڀيري حضور اکرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي حجري مبارڪ کان مسجد ۾ تشريف کڻي آيا ته ٻه حلقه لڳل هئا هڪ قرآن پاڪ پڙهي رهيو هو ۽ الله پاڪ کان دعا گهري رهيو هو جڏهن ته ٻيو علم سکڻ سيکارڻ ۾ مشغول هيو فرمايائون: "**ٻئي ڀلائي تي آهن**." هي ماڻهو قرآن پاڪ جي تلاوت ۽ الله پاڪ کان دعا گهري رهيا آهن، الله پاڪ چاهي ته هنن کي عطا ڪري نه چاهي ته نه عطا ڪري ۽ هي ماڻهو علم دين سکڻ سيکارڻ ۾ مشغول آهن ۽ بيشڪ مان مُعّلم بڻائي موڪليو ويو آهيان، پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اُتي ئي ويهي رهيا.

(ابن ماجه جلد 1 ص 150، حديث:229)

# اگلے ہفتے کا رسالہ




عالمي مدني مركز فيضان مدينه محله سوداگران پراني سبزي منڈي كراچي
UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213
Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net